صوفي آسو رام فقير جو ديوان "ديوان آسو" ۽ آڪاش آسواڻي

"ديوان آسو" ڪان علاوه سنڌس شاعري جا ٻه اهم مجموعا هيستائين، باجود سنڌس خاندان جي ڪوشش جي، اڻ ڇپيل آهن. انهن اڻڇپيل ڪتابن ۾ پهريون عام طور تي "پريم غنچا" جي نالي سان مشهور آهي، پر بقول آڪاش ته، ان جو اصلي نالو "ويراڳ نامو" آهي، جنهن ۾ سنڌس لکت موجب 465 ڪافيون، 75 پچن، 48 شبد، 4 آرتيون، 4 مثنويون، 2 سي حرفيون يا مناجاتون، 43 صدائون ۽ بيت، هڪ مخمس ۽ ڇهن سرن تي آڏاري بيت شامل آهن. سنڌس ٽئين ادبي ڪاوش جو نالو "رسالو آسومل صوفي" آهي، جنهن ۾ 1276 بيت آهن.

محمد حبيب سنائي

ذاتي طرح مون لاءِ اڻ ڪٿ سرهائيءَ جو هڪ سبب اهو آهي ته، منهنجي ڳوٺ هالاپراڻا جي هڪ وسارَيل ويدانتي ۽ صوفي شاعر ۽ اعليٰ حڪيم جو پهريون ديوان يعني غزلن جو مجموعو، جيڪو 1897 ۾ لکيو ويو هو ۽ اندازن 1934 يا 1935 ۾ شايع ٿيو هو، سو ذري گهٽ نوي سالن ڪان پوءِ ٻيهر، انتهائي شانائتي نموني شايع ٿيو آهي. تنهن ڪان پوءِ وڏيڪ خوشيءَ جو هڪ ٻيو سبب اهو ٻهآهي ته انهيءَ ديوان جي اشاعت ۽ سنوار جي مهابي پياري آڪاش آسواڻي جي صورت ۾ اسان لاءِ هڪ بهترين نوجوان محقق نروار ٿيو آهي، جنهن هن ڪان اڳ شايد ڪو هڪڙو ليک به نه لکيو هوندو.

آڪاش هڪ پاسي هن ڪتاب جو بهترين ۽ گهڻ پاسائون مقدمو لکيو آهي، ته ٻئي پاسي هن ڪتاب ۾ شامل غزلن ۾ ڪم آيل ڏکين لفظن جي معنائن جي لغت به تيار ڪئي آهي. سنڌس انهيءَ علمي اُڌم تي ڪيس سلام پيش ڪجي ٿو ۽ اها اميد ڪجي ٿي ته هو صوفي آسورام فقير (1854_1941) جي ٻئي مواد کي به اهڙي نموني سنواري ترتيب ڏيندو.

اڳتي وڌڻ ڪان پهرئين هتي سنڌ جي ادبي ادارن کي وينتي ڪرڻ مناسب رهندو ته هيءَ ڪتاب ته هن نوجوان پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري شايع ڪيو آهي، پر صوفي آسورام فقير جي ٻين ڪتابن جي اشاعت ۾



سنڌس ڀرپور سهائتا ڪري پنهنجو حقيقي ڪردار ادا ڪيو وڃي.

صوفي آسو رام فقير جنهن دور ۾ پيدا ٿيو ۽ وڏيو ويجهيو، سو دور عام طور پوري سنڌ جي، پر خاص طور هالا جي علمي ۽ ادبي زرخيري جو اهم ترين دور هيو. صوفي صاحب جڏهن ڇٺن سالن جو هو ته سنڌس ڳوٺائي ۽ سنڌيءَ ۾ پهريون ديوان خلقيندڙ يا شايع ڪرائيندڙ (جيئن مانائتي ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جو خيال آهي) خليفو گل محمد گل هالائي (1784_1858) فوت ٿيو ۽ انهيءَ سال ئي سنڌس مشهور "ديوان گل" جو پهريون ڇاپو به شايع ٿيو هو، جنهن ۾ سنڌس 12 صفحن تي ڦهليل انوکو مهاڳ به شامل هو، جيڪو پوءِ وارن ڇاپن ۾ شايع نه ٿيو جيئن محترم ڊاڪٽر مخمور بخاري صاحب هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته، "سنڌي غزلن جو ٽيون ۽ هالا پراڻا جي ادبي تاريخ جو ٻيو ديوان 'ديوان قاسم' سال 1875 ۾ شايع ٿيو هو، جنهن جو خلقيندڙ آخوند محمد قاسم نعمت الله هالائي (1806_1881) هو، جيڪو صوفي آسورام جو ڳوٺائي ۽ وڏو همعصر هو."

آخوند قاسم لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي لکيو آهي ته، هن کي علم عروض جي ڄاڻ خليفي گل ڪان وڏيڪ هئي. ان وقت صوفي آسورام 21 ورهين جو هو. ۽ 1871 ڪان وٺي 1873 تائين، ڀريا ٽي سال ماستريءَ جو حيدرآباد ۾ ڪورس ڪري، سال ٻن ڪان ڪنهن اسڪول ۾ استاد طور فرائض سرانجام ڏئي رهيو هو. پياري آڪاش، صوفي صاحب جي شاعريءَ تي انهن ٻنهي شاعرن جي اثرن جو احوال پنهنجي مقدمي ۾ به آندو آهي.

هتي اهو ٻڌائڻ غير مناسب نه رهندو ته، ان زماني ۾ هڪ پاسي هالا اپراڻا ۾ ٻيا به ڪافي شاعر، اديب، عالم ۽ اهل دل موجود هئا، جن ۾ آخوند اميد علي سانوڻي هالائي (وفات 1881)، سائين ولايت راءِ (1825_1887)، آخوند احمد سانوڻي هالائي (وصال 1899)، خليفو لطف الله سانوڻي هالائي، آخوند رحمت الله سانوڻي هالائي (وصال 1887)، قاضي عبدالقوي شريف (1810_1875)، مخدوم ابراهيم صوفي (1865_1913)، مولوي الحاج محمد قريشي (1860_1918)، سيد فقير علي شاه (جنهن ڪان صوفي صاحب حڪمت سکي)، آخوند محمد بچل قريشي، مجذوب فقير رمضان ڪوري (وصال 1937)، مخدوم محمد صالح پٽني (1887_1953) ۽ ٻيا شامل آهن.

هالا ڪان علاوه صوفي صاحب جا جيڪي ٻيا نامور همعصر هئا، تن ۾ هڪڙو سائين مصري شاه رضوي (1828_1906) به آهي، جنهن سان هن جو دوستيءَ وارو تعلق هو. ان زماني ۾ حيدرآباد جو شهر به علم ۽ ادب جو مکيه مرڪز هو، جتي مرزا خانوادي جو مهندار مرزا قليچ بيگ ۽ ٻيا ڪيترا شاعر، ۽ غزل جي ٻئي ديوان جو تخليقڪار سيد فاضل شاه (1836_1900) به موجود هئا. ان وقت جي شاعرن ۾ شعر و شاعري جو مقابلو رهندو هو. آڪاش جي لکت موجب ان زماني ۾ 'سنڌ سڌار' اخبار جاري ٿي، جنهن ۾ نه صرف شاعرن جا غزل شايع ٿيندا هئا، پر انهن تي تنقيد به شايع ٿيندي هئي. ظاهر آهي ته اهڙي علمي ادبي ۽ روحاني ماحول اسان جي صوفي آسورام فقير صاحب تي اڻ مٽ اثر ڇڏيا.

"ديوان آسو" ڪان علاو سنڌس شاعري جا ٻه اهم مجموعا هيستائين، باجود سنڌس خاندان جي ڪوشش جي، اڻ ڇپيل آهن. انهن اڻڇپيل ڪتابن ۾ پهريون عام طور تي "پريم غنچا" جي نالي سان مشهور آهي، پر بقول آڪاش ته، ان جو اصلي نالو "ويراڳ نامو" آهي، جنهن ۾ سنڌس لکت موجب 465 ڪافيون، 75 پچن، 48 شبد، 4 آرتيون، 4 مثنويون، 2 سي حرفيون يا مناجاتون، 43 صدائون ۽ بيت، هڪ مخمس ۽ ڇهن سرن تي آڏاري بيت شامل آهن.

سنڌس ٽئين ادبي ڪاوش جو نالو "رسالو آسومل صوفي" آهي، جنهن ۾ 1276 بيت آهن. آڪاش جي لکت موجب 36 سُرن ۾ رچيل اهي بيت وري هفتو ٿيه راتي، ٻارهن ماهي، ٻاون اکري، 106 متفرقا ۽ سوال جواب جي عنوانن تحت ورڇيل آهن. هن "ديوان آسو" ۾ 160 غزل رديفن جي حساب سان شامل آهن. ان ڪان علاوه هن ڪتاب جي تصنيف جي سال جي حوالي سان ٽي رباعيون آهن. آخر ۾ ٻن صاحبن: ماستر سهجرام ۽ اسڪول هيڊماستر محمد سلطان جا نظم ۾ لکيل سرٽيفڪيٽ شامل آهن.

محترم محمد سلطان، آڪاش جي لکت موجب، ايف آءِ اي جي ڊي آءِ جي هن وقت مسلم ليگ (نواز) جي صدر بشير احمد ميمڻ صاحب جو پڙڏاڏو هو. ان سرٽيفڪٽ مان چند سٽون اوهان جي سماعتن جي نظر ڪجن ٿيون.

ڏٺو ديوان آسو مون چڪاسي،
محبت مان سنڌس الفاظ جاچي
عقيدا ان سندا اسلام جهڙا.
سچي سائينءَ سنڌي ميلاپ جهڙا
سبق سلطان سک صوفيءَ ڪنان تون،
علم ۽ فن ۾ جو سرسُ توکئون.

اڳتي وڌڻ ڪان اڳ اهو ٻڌائڻ مناسب رهندو ته انهيءَ ڪتاب جي اشاعت تي ڪيس هڪ پاسي تمام گهڻي پذيرائي ملي ته ٻئي پاسي انتهاپسندن هندن ڪيس تنقيد جو نشانو به بڻايو هو ته، "هن جا عقيدا سندا اسلام جهڙا آهن... ۽ اهو ڪتاب اسلام جي پرچار واسطي ٺاهيو ۽ ڇاپيو ويو آهي."

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب سنڌس هڪ مناجات پنهنجي ڪتاب "مداحون ۽ مناجات" ۾ شامل ڪئي آهي، پر بقول آڪاش جي ته، اها قلمي نسخي ۾ موجود مناجات ڪان ڪجهه مختلف آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب صوفي آسورام پاران صوفي شاه عنايت شهيد متعلق لکيل ڪيڏاري جي بيتن کي پنهنجي ڪتابن "جنگ ناما" ۽ "واقعاتي بيتن" ۾ پڻ شامل ڪيو آهي. ساڳئي طرح ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي به پنهنجي ڪتاب "سنڌي ۾ نعتيه شاعري" ۾ صوفي آسورام جي هڪ مولود کي اٿپوري ۽ ٿورن لفظ ۾ ڦيرگهير ڪري پيش ڪيو آهي.

نامور جرمن اسڪالر ائنيميري شمل (1922_2003) پنهنجي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر بلوچ پاران شامل ڪيل مناجات جي شروعاتي سٽن جو انگريزي ترجمو اهو لکي پيش ڪيو ته انديا جا هندو شاعر به حضور پاڪ جن ڪان شفاعت جي طلب ڪندا هئا.


تصوير گل حسن لاڪي جي ٿورن سان

بچائج، ڪفر غيرت ڪان، مدد ڪريا رسول الله!
تون ئي آهين، نور نوراني، مٺو محبوب سبحاني،
نڪو ڪو ٻيو ٿيو تنهنجو ثاني، ڪرم ڪريا رسول الله!

Save me from unbelief's darkness,
Help me, O Prophet of God!
You are the luminous light.
Friend, sweetest, of the Most High,
No second or third is like you —
Be merciful, Prophet of God

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ادب جي هڪ عالمي انسائيڪلوپيڊيا ۾ سنڌي ادب جي حوالي سان 1946 ۾ هڪ مختصر ليک لکيو هو، جنهن ۾ هن شاه سائين ڪان پوءِ جي اهم ترين صوفي شاعرن ۾ صوفي آسو رام جو نالو ڳڻايو آهي.

هن ديوان جو منڍ جيڪو صوفي آسورام پاڻ لکيو آهي، تنهنجو نثر ڏاڍو وڻندڙ آهي، جنهن مان هڪ ٽڪرو اوهان سان ونڊڻ ڪان پهرئين اهو سوال ڪرڻ پيو گهران ته ڇا فقير سائين جو ڪو ٻيو نثر نٿو ملي؟ سنڌس دلپذير نثر جو هڪ ٽڪرو اوهان جي گوش گذار ڪجي ٿو:

"هڪڙي ڏينهن پور پيم ته سچو مذڪور ظاهر ڪريان. دل جي قالب مان ٻاهر ڏريان. جان پنهنجو حال پاتم ۽ خيرخواهن جو خيال ڇاتم ته ماٺ ڪرڻ نه گهرجي. ٿورو گهڻو چُرجي. وري وڏي ستگور جي مهرباني، جنهنجي پريت جي پڪ، سچي سرؤ جي سرڪ. اهرو اڏمو جاڳايو، جو سانڍڻ ۾ نه آيو. امالڪ پرگهٽايو."

پياري آڪاش نه رڳو هن ڪتاب جي تياري تي پنهنجو نور نچوئيو آهي، پر ان کي پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري به ڇاپيو آهي. اها سنڌي اديبن ۽ عالمن سان ستم ظريفي ٿيندي آهي ته هڪ پاسي نه رڳو هو ڏينهن رات پورهيو ڪن ٿا، پر ٻئي پاسي پنهنجي ڪاوشن کي وقت جي دز ۾ دٻجي وڃڻ ڪان بچائڻ لاءِ پنهنجي هڙان خرچ ڪرڻو پوي ٿو.

منهنجي خيال ۾ پياري آڪاش صوفي صاحب جي ٻين ڪتابن تي به پنهنجو رت ولوڙيو آهي، تنهنڪري ڪنهن سرڪاري اداري کي سنڌس سهائتا ڪري سنڌس ڪم کي شايع ڪرائڻ گهرجي.

آخر ۾ وري به آئون پياري آڪاش ۽ سنڌس پوري پريوار خاص ڪري سائين ليکراج مل جن کي اهڙي شاندار پورهئي جي اشاعت تي دلي واڌايون پيش ڪريان ٿو.

(4 جنوري، 2026، تي مهورتي تقريب لاءِ لکيل)■